
چنڊ جهڙا پرين
شاعري
صابر سيد پوري

# چنڊ جهڙا پرين

شاعري

**صابر سيدپوري**

**سپيتا پبليڪيشن ميهڙ**

2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”چنڊ جهڙا پرين“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب **صابر سيدپوري** صاحب جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. احمد شاڪر لکي ٿو:

”صابر سيدپوري سنڌ جي ان پرڳڻي جو شاعر آهي جتي لُڪ لڳندي آهي. جتي اَڪ تپندا آهن. هن جي اندر هڪ جُنون آهي. اِهو جُنون هن جو عشق آهي ۽ اِهو عشق هن جي شاعري آهي ۽ انهي شاعريءَ هن جي پنهنجي ڳوٺ سيدپور کان ٻاهر وٺي هن کي تقريبا پوري سنڌ سان متعارف ڪرايو آهي. ”چنڊ جهڙا پرين“ هن جو ٻيو شعري مجموعو آهي جنهن ۾ غزلَ ۽ واين کان سواءِ ٻين به ڪيترين صنفن جي بهار آهي. جيڪا ڪنهن به طور نظر انداز نه ٿي ڪري سگهجي.“

هي ڪتاب 2018ع ۾ سيپتا پبليڪيشن ميهڙ پاران ڇپايو ويو آهي. اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ڪتاب نمبر 01

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: چنڊ جهڙا پرين
موضوع: شاعري
شاعر: صابر سيدپوري
ڇاپو پهريون: 2018ع
ڪمپوزنگ: دوستي سٿ. سنڌ
ڇپائيندڙ: سيپتا پبليڪيشن ميهڙ
ڇپيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

رابطي لاءِ:
ڀٽائي محلہ گهاڙي روڊ ميهڙ، تعلقہ ميهڙ، ضلعہ دادو. سنڌ
موبائل نمبر: 03473230193

# ارپنا

## ڪتاب
## گهر جي سيني ياتين جي نانءُ
## ۽
## اُن سان گڏ سنڌ جي وڻن ۽ پکين جي نانءُ

**صابر سيدپوري**

## سٽاءُ

ادارو
ٻه اکر امتياز دانش
مهاڳ احمد شاڪر
پنهنجي پاران

## شاعري

غزلَ
وائيون
گيتَ
پنجڪڙا
چوسٽا
هائيڪا
ٻه دوها هڪ سرائڪي ڪافي ۽ غزل

# اداري پاران

ادب قومن جو اثاثو هوندو آهي ۽ ادب ئي جهڙوڪ قومن جو آ.ينو هوندو آهي. سنڌي ادب پنهنجي جوهر ۾ جيترو جاندار آهي، اوترو ئي شاندار آهي.
اسان جي پهرين وِڪَ دوستي ستَ. سنڌ هئي ۽ اسان جي ٻي وِڪَ سپيتا-پبليڪيشن آهي ۽ اسان جو هڪ ئي مقصد آهي ۽ اُهو اِهو آهي تہ سماج ۾ جيڪا لاشعوري اُونداهي آهي، اُن اونداهہ ۾ ميڻ بتي ٻارڻ يعني شعورَ جو منو ميوو متيءَ هاڻن ماڻهن آڏو رکڻ آهي.
سپيتا-پبليڪيشن جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي ۽ اهو ڪتاب اسان جي پياري شاعر دوست صابر سيدپوري جو آهي. هيءُ شعري مجموعو ”چنڊ جهڙا پرين“ اوهان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ اسان لاءِ منزل ماڻڻ برابر آهي!

-ادارو

## مهاڳ:

# لڪ ڪلڪ تون لڪ..!!

هر دور پنهنجي اندر هڪ درد کي ڪڏ ڪٽي هلندو آهي. ۽ اُن دور جي درد جي ڄاڻ هڪ شاعر کي ئي هوندي آهي.

اهي شاعر ماضيءَ ۾ ڇو جيئڻ چاهيندا آهن؟

شايد حال شاعرن جي حال کان لاتعلق رهيو آهي. اُن ڪري اهي ماضيءَ ۾ جيئندا آهن ۽ مري به ماضيءَ ۾ ئي ويندا آهن. ان ڪري جو جڏهن انهن کي ياد ڪيو ويندو آهي يا سمجهيو ويندو آهي. تڏهن اهي ماضي ٿي چڪا هوندا آهن. ايئن اهي ماضيءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن. هُونءَ به هر آرٽ جو ڳُر ماضي ۾ لڪل هوندو آهي. ادب به آرٽ جو حصو آهي، بلڪ آرٽ ئي آهي. ان ڪري اسان ان جي پرک به ماضيءَ تي ڇڏي تا ڏيون. پر تڏهن به ڪنهن نه ڪنهن کي ڪنهن نه ڪنهن جي ڪم تي ڪجهه نه ڪجهه چوڻ جو موقعو ملي ٿو ته اِهو ان تي پنهنجي ضرور راءِ ڏئي ٿو پوءِ اها ڪنهن کي وڻي ٿي يا نه ٿي وڻي اهو الڳ معاملو آهي.

ادب آرٽ جو اهو شعبو آهي جنهن جي اُڀ تي سهسين چنڊ، ستارا جڳمڳائي رهيا آهن. ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪهاڻي چمڪي پنهنجو ڏيان ڇڪائي رهي هوندي آهي ته ڪٿان ناول اڪ پڇي پاڻ ڏي سڏي وٺندو آهي. ڪٿان آپ بيتيون، ڊراما، سفرناما پيا تڪيندا آهن ته ڪٿان شاعريءَ جا ٽيڙو، ڪتيون پيون اشارا ڪنديون آهن.

۽ اڄ اسان شاعريءَ جي سفر تي روان آهيون ان ڪري ڳالهه شاعريءَ جي ڪنداسون، جهڙي ريت ٻوليءَ جو حسن ان جي گرامر ۾ آهي اهڙي طرح شاعريءَ جو حسن ان جي موزونيت آهي. ۽ انهي موزونيت سان گڏجي تشبيهون، تجنيسون ۽ استعارن، ڪناين جي ڳهڻن ان جي حسن ۾ جيڪو نکار آندو آهي. ان هن کي پنهنجي باقي ساهيڙين کان مٽيرو مقام بخشو آهي. ۽ هن جي ٻي جيڪا خوبي آهي اُها بن ڏڙڪندڙ دلين کي هڪ ٻئي جي ويجهو ڪرڻ جي آهي. ۽ اها ئي اصل خوبي آهي.

شاهه عبداللطيف هجي، شيڪسپيئر هجي، غالب هجي يا رومي انهن جي شاعري مٿئين خوبيءَ جي ڪري ديس پرديس پڳي آهي. ۽ اها به شاعري جي اضافي قوت آهي ته هو پنهنجي ذاتي پيڙاءُ ۽ تڪليف کي دنيا جي درد ۽ تڪليف ۾ تبديل ڪرڻ جي سگهه رکي ٿي. جنهن ڪري سندس ڳالهه دنيا ۾ ٻڌي به وڃي ٿي ۽ ورنائي به وڃي ٿي. جنهن ڪري هي دنيا جو دادلو بڻجي وڃي ٿو. ۽ دنيا هن سان پيار ڪري ٿي.

جيستائين سنڌي شاعريءَ جو تعلق آهي ته اِها پنهنجو ماضي رکي ٿي، هن کي پنهنجو حال آهي ۽ مستقبل به هن جو شاندار ئي آهي. ن جو ماضي جيڪو پٺ ۽ پانن کان شروع ٿي شاهه، سچل ۽ سامي جهڙن شاعرن جي چين ۾ پوتل آهي جڏهن ته هن جو حال امداد حسيني، اياز گل، علي دوست عاجز، اسحاق سميجو جهڙن شاعرن جو اسانکي مُک درشن ڪرائي ٿو ته اتي گلزار، احمد سولنگي، ذوالفقار گاڏهي سميت ڪيترائي شاعر آهن جيڪي اسان جي آئيندي جو درپن آهن ۽ انهن ۾ هڪڙو نالو صابر سيدپوري به آهي.

صابر سيدپوري سنڌ جي ان پرڳڻي جو شاعر آهي جتي لُڪ لڳندي آهي. جتي اَڪ تپندا آهن. هن جي اندر هڪ جُنون آهي. اِهو جُنون هن جو عشق آهي ۽ اِهو عشق هن جي شاعري آهي. ۽ انهي شاعري هن جي پنهنجي ڳوٺ سيدپور کان ٻاهر وني هن کي تقريبا پوري سنڌ سان متعارف ڪرايو آهي. "چنڊ جهڙا پرين" هن جو ٻيو شعري مجموعو آهي جنهن ۾ غزلَ ۽ واين کان سواءِ ٻين به ڪيترين صنفن جي بهار آهي. جيڪا ڪنهن به طور نظر انداز نه ٿي ڪري سگهجي. هُو جهڙا سهڻا غزل لکي ڄاڻي اهڙيون سهڻيون وايون به لکي ڄاڻي.

چنڊ تارا ڇو ڏسان مان،
يار جي ديدار تائين.
زندگي گذري اٿم.

جهڙي سهڻي وائي آهي تهڙي ئي سندس وراڻي آهي ۽ جنهن شاعر وٽ اهڙا شعر هجن، ان کي ڪير نظر انداز ڪري سگهي ٿو-؟
۽ نظر انداز به ڇو ڪري؟!

صابر جي شاعري جو استعارو پيار آهي، تنهن ڪري سندس شاعري پيار ئي پيار آهي. ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ پيار جو گردان گهڻو آهي. ان جو سبب ڪٿي هن جي جيون ۾ پيار جي ڪا کوٽ ته نه آهي. جي آهي ته ان جي ڳولا به اسان کي سندس شاعريءَ ۾ ڪرڻي پوندي.

پاڻ هڪڙي ڪهاڻي ٿي ويندڙ،
ڪهڙي وينو لکين ڪهاڻي تو.

هي شعر جنهن غزل جو آهي، اهو سڄو غزل تغزل پريو آهي. ۽ صابر جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيئي شعر لعلن ۽ جواهرن جيان جرڪي رهيا آهن.

ڪرهل ڪاهي آءُ،
چنڊ به ترسايو اٿم.
وڻ وڻ ڀٽڪي ڀور ۾،
چوڏس سُرهو ساءُ.
چنڊ به ترسايو اٿم.

هيءَ وائي هڪ مثالي وائي آهي ۽ هيءَ وائي نه رڳو شاعرَ جي شاعريءَ جو هڪ اعليٰ نمونو آهي پر، هيءَ وائي سنڌي شاعريءَ جي معيار جو به هڪ نمونو آهي.

چنڊ ۾ تون آن، چنڊ پڻ تو ۾،
تون بہ ٻرين ٿو، هُو بہ ٻري ٿو!

تقريبا هر شاعر محبوب کي چنڊ جي تشبيهه ڏني آهي ۽ خود صابر بہ ڏني آهي.

چنڊ مهمان ٿو ٿئي منهنجو،
پورو ارمان ٿو ٿئي منهنجو.

پر، هنن سٽن ۾ اظهار انوکو آهي:

چنڊ ۾ تون آن، چنڊ پڻ تو ۾،
تون بہ ٻرين ٿو، هو بہ ٻري ٿو.

اِهو خيال ٻين خيالن جي اُبتڙ تہ آهي ئي آهي پر، منفرد بہ آهي.

منهنجي پگهر جي دم سان آباد آ زمانو،
وک وک تي روشني آ، وک وک تي آشيانو.

۽ اهو ئي آرٽ آهي جو، جنهن ڪردار تي اوهان لکو ۽ ان ڪردار جو جيڪو آواز هجي اُهو ايترو تہ نرالو هجي جو ڪٿي بہ ان ڪردار کي مبهم نہ ڪري ڇڏي بلڪ ان جي حُسن ۾ نکار آڻي ۽ ان جي اپار جو سبب بڻجي. صابر جو هي شعر اسان جي موجوده دور جو الميو آهي.

دوستيءَ کي پيو وڏايان ڏس،
دشمني جي قريب ٿيو آهيان.

-

غم جا پاٽا وجان پريندو ٿو،
هر خوشيءَ جي قريب ٿيو آهيان.

مٿي ڏنل ٻن شعرن وارو سمورو غزل هڪ عجيب غزل آهي. نہ ابهام آهي هن غزل ۾ ۽ نہ ئي وري ڪو فلسفو پر، ان جي باوجود بہ جيڪڏهن ڪو شاعر، پارکو يا نقاد هن غزل جي تهہ تائين هڪ عاشقانہ نگاهہ رکندو تہ اِهو ئي محسوس ڪندو تہ هيءُ غزل ڪيترو نہ وڏو آهي. هر سِٽ ٻي سِٽ جو ضد آهي. زندگي خودڪشي، دوستي دشمني، غم خوشي، اونداهہ روشني، موت زندگي ۽ اها شاعرَ جي ڪماليت ئي چئي سگهجي ٿي تہ، فلسفانہ موضوع ۾ هڪ ننڍڙي پنجن شعرن جي غزل جي گرفت ۾ ڪمال ڪاريگريءَ سان ۽ سهڻي نموني سان قلم بند ڪيل هجي.

گهڻن ئي شاعرن سنڌ جي نظارن، سنڌوءَ جي ڪنارن، ڪيرٿر جي جابلو قطارن کي ڪنهن نہ ڪنهن سهڻي حوالي سان پنهنجي ڪويتائن ۾ ڳايو آهي. پر صابر جو اهو انداز بيان بنهہ منفرد آهي سنڌ سان عشق جي حوالي سان تہ، صابر: سنڌ جي انهن تمام گهٽ شاعرن مان هڪ شاعر آهي، جنهن سنڌ کي سڄي ماءُ سڏيو آهي.

سدا ياڳ واري، سدائين سونهاري،
سڀڳي ماءُ جهڙي، مني سنڌ پياري.
ڪيڏي نہ سهڻي ۽ سليس وائي آهي هي:
تنهنجي آهيان نُور سان،
جيسين منهنجي ٿوڙ.
آءُ آهيان چا پرين!

سندس شاعريءَ جو هڪ هيءُ بہ پاسو آهي ۽ اُهو پاسو ڏاڍو وڻندڙ ۽ اثر ڇڏيندڙ آهي ۽ اُهو پاسو سندس شاعريءَ ۾ گيڙو رنگ آهي ۽ اُهو گيڙو رنگ شيخ اياز جي غزلن جي "گيڙو ويس غزل" کان گهڻُ مختلف ۽ صُوفيت جي رنگ سان رڱيل آهي. اِها صابر جي ڪمال ڪاريگري چئجي تہ، هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ گيڙو رنگ کي ايترو تہ سهڻو ۽ حسين نموني سان آندو آهي جو، سندس شاعريءَ جو اصل رنگ پنهنجو الڳ تلڳ نظر اچي رهيو آهي، نہ تہ گهڻن شاعرن اِن گيڙو رنگَ کي پنهنجي شاعري ۾ استعمال هيٺ آڻيندي پنهنجي شاعريءَ جو اصل رنگ ڦٽائي پتو ڪري ڇڏيو آهي.

جوانيءَ جي جذبن کي ميندي لڳي،
رڳو هڪ گهڙي ئي ڏسي هو ڪلن.

هيءُ خيال خواهشيات جي خزانن جو هڪ انمول موتي آهي ۽ اهو خيال نہ صرف نئون آهي پر، اِن خيالَ کي پوئڻ جي ادائگي بہ نئين آهي. جوانيءَ جي جذبن کي ميندي لڳڻ ۽ اها جوانيءَ جي جذبن کي ميندي لڳڻ ئي تہ سڦلتا آهي!

هيٺ مختلف غزلن جا وڻندڙ شعرَ ۽ پهريان اِهي وڻندڙ شعرَ ۽ پوءِ انهن تي راءِ:

اگر پيار پنهنجو نتو ڏيڻ جي چاهين،
کلي ڏي اِهو ئي تون آزار ريشم.

-

عشق کي تون مذاق ٿو پائين،
شينهن جو وار تو ڏنو ناهي.

هي پيي تڏهين سڏائي سهڻي ٿي،
هن جو ميهار تو ڏنو ناهي.

-

محبوب زماني ۾ محبوب ڏنم ماڻهو،
هن چنڊ کان پيي سهڻا وڌ خوب ڏنم ماڻهو.

-

اڪيلا نہ آهيون اسان جا ٿي ساٿي،

پکي، وڻ، ڪکر ۽ هي سهڻا ستارا.

هي مٿيان ترتيب وار غزلن جا جيڪي شعرَ مون ڏنا آهن اهي سڀ پنهنجي پسند جا شعرَ آهن، جيڪي هن مجموعي جا انتهائي خوبصورت شعرَ آهن. جنهن ۾ فرد جي اندر جي پيڙاءُ انتهائي طاقتور انداز ۾ اظهاريل آهي جن ۾ اندرين ٻاهرين جماليات بہ آهي. ان سان گڏ لساني جماليات پڻ، سو چئي سهجي ٿو تہ سندس خيالن کي پوئڻ جو سليقو آهي. تنهن ڪري اسان چونداسين تہ هن جي شاعريءَ ۾ پنهنجو رنگ، رس، چس آهي. ۽ جنهن شاعر کي پنهنجو رنگ، رس، چس آهي، اهو ڪامياب شاعر ئي چئي سگهجي ٿو.

صابر جي سرائڪي غزل جو هڪ شعر آهي تہ،

انگ انگ تيڏا چنڊ دي ڪرڻين،

سونهن اي سينگار ڪيا آڪان.

اظاهر جو هي ڪيڏو نہ سهڻو پيرايو آهي.

جتي غزل جي پنهنجي اُڏام آهي تہ، اُتي هر هڪ صنف جي پنهنجي پنهنجي اُڏام آهي. صنفي سطح جي اڏام کي جيڪا اوچي اُڏام تو پرائي اُهو وري خيال آهي. هڪ هائيڪي ۾ هيڏي وڏي ڳالهہ ڪرڻ کي ئي تہ ڪمال چئبو آهي:

ڪونهي ڪوبہ سُڪون،

پوءِ بہ جيئڻ جو اتم،

ڏاڍو يار جُنون!

۽ اِهو جيئڻ جو ئي جُنون هڪ جُستجو کي جنم ڏي ٿو ۽ وري اُها جُستجو منزل تي رسائي ٿي. ۽ هي هائيڪو جيڪو هاڻ هيٺ ڏيندم اُهو بہ ايترو ئي وڏي خيال سان پُر آهي، جيترو ئي مٿي ڏنل هائيڪو:

مان ڪونج جيان تنها،

ڪُرلايون وجان ٿو پيو،

سِر تي تہ ڪنيون چا چا!

ڪجهہ مختلف غزلن جا شعر آهن هي شعر بہ پنهنجي جوهر ۾ ايترا ئي اُوچي پَدَ جا آهن، جيترا ٻيا ڳٽائي آيو آهيان.

پنهنجي نالي جي ڳولا جي آهيان پنيان،

نانءُ هوندي زمانن ڪان گمنام هان.

-

روح تنهنجي اچي گهر جو گولو ٻٽيو،

منهنجو مون وٽ صرف خالي بُت آ پرين.

-

هينئڙو لوڻ جيان ڳري ويو آ،

پو بہ توکي نہ ٿو وساريان مان.

-

ڏم ٿو ڏيل ڏکائي منهنجو،
ڪاٽي آن ميهار وني وچ.

-

ڳالهيون لکن جون ڪن ٿا جي،
سيئي ٽڪي ڪپن تہ پو!

-

ٿورو اکيون تہ کول پو، توکي
ڏات ڏسبي ڏيئا ڏيئا منهنجي.

صابر سيدپوريءَ جو هي شعري مجموعو مختلف صنفن سان ڳتيل هڪ سهڻو گلدستو آهي.
”چنڊ جهڙا پرين“ جهڙي سهڻي نانءُ جهڙو سهڻو مک رکندڙ هي شاعري مجموعو اوهان جي هٿن ۾ آهي هن ۾ هڪڙي چڪ ضرور آحي ۽ جيڪا شاعري پاڻ طرف ڇڪي تہ اهو سمجهڻ گهرجي تہ ان ۾ دم آهي. ۽ جنهن تحرير ۾ دم هجي ان کي ئي دائميت هوندي آهي.
آرٽ سان پُر هي شعر ڪيئن ٿا لڳن اوهان کي:

هڪڙي هڪڙي آهہ پويان ٿو ٻري آڙاهہ ڏس،
پيو ايامن کان تہ پڄري هڪ ويچارو ساهہ ڏس.

-

ٻين جي ڏسڻ کي هوندو ڏنو تو،
توکي ڪئن مان ڏسان ٿو ڏسجان.

ٻيهر جيئڻ، جيئڻ خاطر،
نئين سِر يار مران ٿو ڏسجان.

**احمد شاکر**
ميهڙ، دادو. سنڌ
03473230193

پيش لفظ:

# ڇا ته شاعري آهي !

ڏسجي ته فطرت جو سڄو وايومنڊل سونهن تي آڌاريل آهي. هر عمل، هر شيءِ، هر ڪرت، هر علم ۽ هر فن ۾ سونهن کي هڪ اهم حيثيت حاصل آهي. جيڪڏهن ڪنهن به شيءِ ۾ سونهن ناهي ته اها معيار، وزن ۽ زندگيءَ کان محروم آهي. جنهن ۾ اهي خوبيون نه هجن ته پوءِ اها ڪهڙي ڪم جي؟ اڪثر چيو ويندو آهي ته عشق جو سبب سونهن آهي پر مون کي ته ڪائنات جو سبب به سونهن لڳندي آهي ۽ عشق به سونهن جي لاءِ خلقيو ويو.جڏهن سونهن ۽ عشق جو پاڻ ۾ سنگم ٿيندو آهي، تڏهن انهن جي روح مان شاعري جنم وٺندي آهي. شاعريءَ جو تعلق انساني جذبن ۽ احساسن سان آهي. جتي موسيقي انسان جي روح جي غذا آهي، اتي شاعري سندس دل جي تسڪين آهي. تنهنڪري ئي لطيف فن ۾ موسيقيءَ وانگر شاعريءَ کي به هڪ خاص اهميت حاصل آهي، جنهن کي دل جي ڌڙڪن سان محسوس ڪري سگهجي ٿو.

پاڻ وٽ هر دور ۾ شاعري رهي آهي ۽ ان پنهنجي پنهنجي دور جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. شاعري هڪ اهڙو وهڪرو آهي، جيڪو نه ڪڏهن بند ٿيو آهي ۽ نه وري ڪڏهن بند ٿي ٿو سگهي. موجوده وقت ۾ به شاعري سرججي رهي آهي ۽ اها پنهنجي وقت جو پڙاڏو بڻجي فضائن ۾ گونجي رهي آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته سنڌ ۾ تمام گهڻي شاعري ٿي رهي آهي. هونئن ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ شاعر، شاعري ڪن پيا پر دادو جي شاعرن جي پنهنجي هڪ انفراديت آهي. ڇاڪاڻ ته جتي وٽن فن آهي اتي فڪر به آهي. ڏنو وڃي ته سنڌ جي ٻين شاعرن وٽان فڪر جي نالي ۾ ڏينهون ڏينهن فن موڪلائيندو وڃي پر دادو جي شاعرن پنهنجي هٿان فن وڃڻ نه ڏنو آهي. ڪانئن شاعري ٻڌندي ائين لڳندو آهي جڻڪ فطرت پنهنجو سرگم ڇيڙي رهي هجي.

منهنجي لاءِ اهو چوڻ انتهائي ڏکيو بلڪ ناممڪن آهي ته دادو جو فلاڻو شاعر پنهنجي پنهنجي ٿهيءَ جي نمائندگي ڪري رهيو آهي. استاد بخاريءَ کان ويندي احمد شاڪر تائين هر شاعر وٽ پنهنجي ڏات آهي. پنهنجو ڏانءُ آهي. واهه ! ڇا ته ڏات آهي ۽ ڇا ته ڏانءُ آهي. اها ئي ته آرٽ آهي.

دادو ۾ شاعرن جي هڪ اهڙي انڊلٺ آهي، جنهن ۾ هر ڪنهن کي پنهنجو هڪ رنگ آهي. هر رنگ ۾ هڪ مزو آهي ۽ هر مزي ۾ زندگي آهي. ان انڊلٺ ۾ هڪڙو رنگ شاعر صابر سيدپوريءَ جو به آهي. صابر سيد پوري سنڌي شاعريءَ ۾ نئون نالو ناهي. هو پراڻو نالو آهي پر بدقسمتيءَ سان شاعريءَ ۾ شاعرن جو ناني ويڙهو نهڻ سبب کيس اهو مقام نه مليو

سگهيو آهي، جيڪو ڪيس ملڻ گهرجي ها. هو شاعريءَ جو هڪ اهڙو سچ آهي، جيڪو پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ وسيلي ادب ۾ روشني پکيڙي رهيو آهي. اها روشني زندگي آهي، جنهن ۾ سونهن ڪان ويندي عشق ۽ انقلاب ڪان ويندي مزاحمت تائين جو درس آهي.

صابر جي شاعري گهڻ موضوعاتي شاعري آهي، جنهن ۾ فطرت، سونهن، عشق، ڌرتي، انقلاب، مزاحمت ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا اچي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ مان صابر سيدپوريءَ جي شاعريءَ کي نندڍڻ کان مختلف رسالن ۾ پڙهندو اچان پر جڏهن سانگيءَ جي دوست پروفيسر عبدالجبار شيخ کان سندس پهريون شعري مجموعو " ڪڏهن ورندين" پڙهڻ لاءِ مليو تہ سندس شاعري پڙهندي ڏندين آڱريون اچي ويون ۽ زبان مان بي ساختا اهي لفظ نڪتا تہ " ڇا تہ شاعري آهي."

صابر سيدپوريءَ جي شاعريءَ ۾ فن کان ويندي فڪر تائين هر خوبي آهي. سندس " ڪڏهن ورندين" کانپوءِ " چندڊ جهڙا پرين" ٻيو شعري مجموعو آهي. "تہ پوءِ" شعري مجموعي جو مطالعو ڪرڻ کانپوءِ جيڪڏهن ايمانداراڻي ڳالهہ ڪجي تہ پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ صابر سيد پوريءَ جي شاعري هڪ اهڙو گل آهي، جنهن جي واس سان سڄي سنڌي شاعري واسجي رهي آهي...!!

## امتياز دانش _ڪراچي

## پنهنجي پاران:

## لک ٻہ لهان – ڪک ٻہ لهان.!

1971ع ۾ شمس الدين ولد قادر بخش چانديو جي غريباڻي گهر ۾ جاۓس. منهنجو ڳوٺ سيدپُور تعلقہ ميهڙ ۾ واقع آهي، جيڪو سهڻي سنڌڙيءَ جي ٻين سهڻن ڳوٺن جيان ٻہ ڏاڍو سهڻو آهي. منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو منڙا ۽ محبتي آهن، هن ڳوٺ جا رهواسي صدين کان پاڻ ۾ ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهہ سان رهندا اچن پيا. هن جا ڳوناڻا هڪ ٻئي جي اگهي سگهيءَ ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيندا آهن. هن ڳوٺ جا ڳوٺائي تقريب پڙهيل لکيل ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ آهن.

هن سيدپُور جا ماڻهو مونکي ڏاڍي عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسندا آهن، ڇو جو آءٌ شاعراڻي ڪرت جي ڪري سڄي سنڌ ۾ ڄاتو سُڃاتو وڃان ٿو. اها منهنجي عزت سڃاڻپ هُو پنهنجي عزت سڃاڻپ سمجهندا آهن.

هن سهڻي سيدپُور سان منهنجو ازلي ۽ فطري چاهہ آهي، جيڪو مرڻ گهڙيءَ تائين اوس رهڻو آهي. شاعري منهنجي وجود ۾ گجي ۽ وسي رهي آهي ۽ مان سڄي جو سڄو شاعر آهيان. هي شاعراڻي ڪرت منهنجي عبادت آهي. هن عبادت ۾ مون ڪڏهن بہ شرڪ نہ ڪيو آهي. پنهنجي شاعريءَ سان عشق ۽ ايمان جي لاحد تائين اُنس رکان ٿو ۽ سنڌ جي ٻين سهڻن شاعرن سان بہ دلي همدردي ۽ محبت رکان ٿو.

مونکي پنهنجي محنت تي ناز آهي، آءٌ بلاشبہ دلين ۽ احساسن جي ترجماني ڪندڙ شاعر آهيان. مونکي هرويرو ڪنهنجي شاباس جي ضرورت بہ ڪونهي. هيل تائين جا بہ شاعري لکي اٿم، ڏاڍي جوش ۽ ولولي سان لکي اٿم. منهنجي پهرين شاعريءَ جي مجموعي "ڪڏهن ورندين" کي سهڻين اکين ۽ محبوب دلين وٽان ڏاڍي مانائتي ۽ شانائتي موٽ ملي آهي. هاڻ بہ اميد اٿم تہ سچن سُخنورن ۽ شاعريءَ سان پيار ڪندڙن وٽان سهڻي ۽ سيبتي موٽ ملندي.

درد ۾ ئي سچي خوشي آهي، جيڪا مون بہ ماڻي آهي. مون مٿي عرض ڪيو تہ مان سڄي جو سڄو شاعر آهيان، تنهنڪري مان ڪنهن بہ ايري غيري جي خوشامد نہ ڪئي آهي ۽ نہ وري ڪڏهن ڪندس. آءٌ غريبن، يتيمن ۽ مسڪينن جو يار آهيان. سنڌ ڌرتيءَ جي هندُن، باگڙين، ڀيلن، مينگهواڙن، ڪولهين، هڏواڙن سان بہ ڏاڍو پيار ڪندو آهيان! آءٌ شاعراڻي ڪرت جي ڪري پاڻ کي وڏو امير سمجهندو آهيان، ڇو تہ منهنجي سوچ، منهنجو انداز، منهنجو اٿڻ، ويهڻ پنهنجي حساب سان ڪافي نرالو آهي.

آءٌ وڏي دل ۽ وڏي ٿانءُ وارو ماڻهو آهيان. منهنجي باري ۾ ڪنهن ڪيئن چيو، ڪنهن هيئن چيو، ڪنهن هونئن چيو ڪي ٻڏي ٿاري ڇڏيندو آهيان. آءٌ پنهنجي ذات ۾ خود دار طبيعت جو

مالڪ آهيان. جيڏو آسان آهيان، ايڏو ئي ڳنڀير آهيان. بحرحال پوءِ پڻ مان جوئي آهيان-سوئي آهيان! اِهو ئي آهيان-لک بہ لهان، ڪک بہ لهان! احمد شاڪر جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي سيني مشڪلن ۾ ساٿ ڏنو، سندس جا وڏا وڏ جيڪي هميشہ ياد رهندا ۽ ٿورا اُنهن محترمن جا جن هن منهنجي ڪتاب لاءِ ڪجهہ لکيو.

**صابر سيدپوري**
ڳوٺ سيدپُور تعلقہ ميهڙ، ضلعہ دادو. سنڌ
**موبائل نمبر:** 03423255799

# غزلَ

پنهنجي اکين ۾ پيارا، هاڻي ويهار مونکي،
پنبڙين ۾ چڙ لڪائي هڪ وار، يار مونکي.

چمندو رهان شفق کي، اُڏندو رهان مان اُپ تي،
پر رنگ مون ۾ اهڙو، ساجن نکار مونکي.

ڏيان مات موت کي مان، هر پهڻ کي پگهاريان،
ڏي ساٿ تي مسيحا، هر دم جيار مونکي.

گُهرجيم ڪونه ساقي، هي جام تنهنجو هاڻي،
آهن چڙهيل هزارين هُن جا خمار مونکي.

جئن ڏوپجي وجن سڀ، صابر گناهه منهنجا،
ڪڻ پاڪ نيڻ پنهنجا، ٺورو نهار مونکي.

*

ڪوئي اگر ڪري ته ڪا، دعا ڪري،
مظلوم پيار جي نه ڪو گلا ڪري.

منهنجو نه ٿئي نه ٿئي، نه ٿئي پلي نه ٿئي،
ٻئي جو به ڪين هُو ٿيئي، خدا ڪري.

هي راند عشق جي گهٽي ڏکي اٿئي،
هن عشق هٿ چڙيا، گهڻا فنا ڪري.

منهنجو ته پيار يار ڪي گهري پيو،
صابر جي جا رضا، پلي اُها ڪري.

*

محبوب سنپارن کي، صدين کان سنپاريان ٿو،
ڪن خاص بهارن کي، صدين کان سنپاريان ٿو.

ترتيب وجائي جن، منهنجي ته حياتيءَ جي،
خوش روءِ نظارن کي، صدين کان سنپاريان ٿو.

ڪي نيڻ نياپا ٿي، منهنجي پر مان پئي گُذريا،
تن نغمه نهارن کي، صدين کان سنپاريان ٿو.

ڪا ڳڻتي نه ٿي ڪڏهين، ڪنهن لهندي نه اُيرئي جي،
اهڙن ته سهارن کي، صدين کان سنپاريان ٿو.

جيون جي اُماوس ۾، ها، چنڊ جيان صابر،
تڏهين ته پيارن کي، صدين کان سنپاريان ٿو.

*

گلابي گلن تي پونئر تا پرن،
لڳي ٿو تہ منهنجا سڄڻ ٿا اچن.

گهڻا سال ٿيا، ها، ڏٺا ڪونہ ها،
جي ڪارا ۽ بگڙا، ڪڪر ٿا وسن.

پنپورين سان ڪيڏان، وڃي شام تي،
اُهي پل پيارا، اکيون شل پسن.

جوانيءَ جي جذبن کي ميندي لڳي،
رڳو هڪ گهڙي ئي ڏسي هُو کلن.

اسان جو بہ صابر وڏو مُلهہ ٿئي،
ڪٽي نيڻ نرمل جي هيڪر ڏسن.
*

امر پيار آهي، امر پيار وارا،
گواهي ڏين ٿا هي نچندڙ نظارا.

رڳو عشق واريون، بهارون سجاڻون،
ٻيا ڪونہ ڄاڻون، سيارا، اونهارا.

سموري دنيا جو، ازل کان ۽ اَڄُ پڻ،
ڏسو سنڌ ڪٽندي اچي پيئي بارا.

اڪيلا نہ آهيون، اسان جا ٿي ساٿي،
پکي وڻ ڪکر ۽ هي سهڻا ستارا.

ڪڏهن ڇانو ٿيندا، مون صابر لئہ سائين،
گهنڌيدار، تنهنجا، اهي وار، ڪارا.

*

سدا ياڳ واري، سدائين سونهاري،
سڄي ماءُ جهڙي، مٺي سنڌ پياري.

اُهي ناس ٿي ويا ۽ ٻي آس ٿي ويا،
ڪئي توسان جنهن جنهن بہ جيجل غداري.

انهن کي ڏنو تو وڏو، مانُ آهي،
ڪئي تنهنجي! رت ساڻ جن آبياري.

جيڪي تنهنجي سڏ ۾ ڏئي سڏ ڪُسي ويا،
سدا، تن تي تاريخ خوشبو آ هاري.

وري چنگ چرندا، وري رنگ رچندا،
نہ رهندي نہ رهندي سدا، رات ڪاري.

وڌو ڪجهہ وڙهو ڪجهہ بقاءِ نسُل لئہ،
متان ٿيو وطن جا، سپوتو مياري.

جئان جي تہ سنڌ لئہ، مَران پيي تہ سنڌ لئہ،
جڏهن ڪان هي صابر، اٿم سُرت ساري.

*

ڪا رات رهي وڃجان،
جيئدان ڏئي وڃان.

وسندينَ تي وسڻ وارا،
ويراني وسي وڃجان.

جي توکي ڏسي جيئندان،
تن ڏي تہ وري وڃجان.

مرڻو تہ اٿئي هون ئي،
ڪنهن ملهہ سان مري وڃجان.

محبوب مٺي جي گهر،
اي هِيرَ جهڪي وڃجان.

جيڪو بہ جيئين صابر،
انسان ٿي جي وڃجان.

*

باب آهيون درد جو چا ٿو پڇين،
ساهہ ٻٽيل زرد جو چا ٿو پڇين.

ڇائو آهي تہ ڪڏهن مرڪيو نہ آ،
ٿهڪ ڏيندڙ فرد جو چا ٿو پڇين.

هر فضيلت هن اڳيان جهڪندي ڏٺم،
هِن قلندر مرد جو چا ٿو پڇين.

مان تہ ٿو توکي سڄڻ پڙهندو وتان،
عشق واري ورد جو چا ٿو پڇين.

جنهنکي صابر ذات جو ناهي پتو،
اُن ڪان تون چوء گرد جو چا ٿو پڇين.

*

آءُ اسان کان پيار وٺي وڃ،
جوڀن جو هر آر وٺي وڃ.

گلڙن کان وٺ، خوشبوءِ کان وٺ،
ناز، نياز، نهار وٺي وڃ.

منهنجو سڀ ڪجهه تنهنجو آهي،
جيت وٺي وڃ، هار وٺي وڃ.

ڏم تو ڏيل ڏکائي، منهنجو
ڪاڻي آن، ميهار وٺي وڃ.

سنڌڙي، جنڌڙيءَ جا، او! دشمن
ڪچي مونکان گار وٺي وڃ.

ٻُت جو ٻُت ايئن صابر چا لئه،
نفرت ڏي يا، پيار وٺي وڃ.

*

هي گيت ئي منهنجو ميت اٿئي،
منهنجي يار، نرالي پريت اٿئي.

منهنجو يار جو گهر، ايئن پاڪ اٿئي،
جئن ڪعبو اٿئي، جئن مسيت اٿئي.

ٻي ڪرت ۾ هار ئي، هار اٿئي،
هڪ عشق ۾ حاصل جيت اٿئي.

جو سونهن جو ويري آ، صابر
سو اندران، ٻهران پليت اٿئي.

*

تنهنجي نيڻن ۾ منهنجو جڳت آ پرين،
پيار تنهنجو حياتيءَ لئه ست آ پرين.

مان ڪڏهن ڀي اڪيلو نه آهيان رهيو،
منهنجي دردن سان گهاٽي سنگت آ پرين.

روح تنهنجي اچي درد جو گولو بڻيو،
منهنجو مون وٽ صرف خالي بُت آ پرين.

زيان جيڪي چون عشق کي وقت جو،
هي چوڻ تن سندو ته غلط آ پرين.

ايندي آهي جڏهن اوڪي جا ڀي گهڙي،
پونءِ جي ڳاٺ لئه وهندو رت آ پرين.

چنڊ تارا، جئن پاڻ ۾ آهن جڙيل،
منهنجي صابر ائن تو تي پت آ پرين.
*

عشق جي واٽ تو نهاريان مان،
زندگيءَ کي پيو پڪاريان مان.

آڏو پيٽ ۽ پنيان ڪان دوزخ آ،
زندگي ائين پيو گذاريان مان.

روز جيئڻ جي واسطي جيڏيون،
پاڻ کي پاڻ پيئي ماريان مان.

هينئڙو لوڻ جان ڳري ويو آ،
پو بہ توکي نہ ٿو وساريان مان.

چنڊ منهنجي اڱڻ اچي ٿو پيو،
تنهنڪري گهر پيو سنواريان مان.

درد صابر هي سونهون آ، سک جو
درد کي دل مان چو ڌڪاريان مان.

*

اسان جي يار، پيار کي، چو انتظار تي ڏنا،
نگاهہ نو بهار کي، چو انتظار تي ڏنا.

عذاب ئي عذاب آ، حيات جي اڳيان پنيان،
سڪون ۽ قرار کي، چو انتظار تي ڏنا.

رڳو ئي تنهنجي سوچ آ، رڳو ئي تنهنجو خيال آ،
حَسينَ هن سنپار کي، چو انتظار تي ڏنا.

اجا بہ هڪڙي پير تي، ڪنڌيءَ تي بيٺو آهي ڏس،
او سهڻي هن ميهار کي، چو انتظار تي ڏنا.

پئي جا توتان گهور تئي، ۽ توکي جا سدا گهري،
اي محب اُن نهار کي، چو انتظار تي ڏنا.

جُڙي جا تنهنجي ذات سان، مني سا ڪائنات ڪان،
حضور تنهن جمار کي، چو انتظار تي ڏنا.

*

اکڙيون جي آگمن تہ پو!
ٿهہ ٿهہ ٿمي پون تہ پو!

ڳالهيون لکن جون کن تا جيء
سيئي ٽڪي ڪپن تہ پو!

توکي انڌو تہ عشق ڪيو،
باهيون لڳي وجن تہ پو!

ڪنهن اوپري تي شهر ۾،
ماڻهو سيئي ڪلن تہ پو!

مرڪون جي جڳ کي ڏين تا پياء
ڪلڻا اُهي روئن تہ پو!

جن کي ڏسي جيئون پياء
سيئي ئي وري ڪُهن تہ پو!

صابر تون جن تي گهور گهور،
پنهنجو سڄڻ نہ ڪن تہ پو!

*

منهنجون هي ٻئي اکيون خالي،
تنهنجون اکيون ساغر پيالي.

منهنجون اکيون جهڙيون صحرا،
تنهنجون اکيون مند جهڙالي.

منهنجون اکيون درد پراڻو،
تنهنجون اکيون مرڪ جي ٽالهي.

منهنجون اکيون زخمي ڳيرا،
تنهنجون اکيون ڄڻ دونالي.

منهنجون اکيون جهڙيون ٽاندا،
تنهنجون اکيون گل جي لالي.

منهنجون اکيون ڄڻ بي معنيٰ،
تنهنجون اکيون يار مثالي.

*

أجرو سانديل هي خيال ماڻين تون،
پيار جو، پيار شال ماڻين تون.

اوءِ انسانيت جا، رکوالا!
عمر صديون ۽ سال مانين تون.

عشق منهنجو ڪنگال ٿئي پل ٿئي،
جاهه وارو، جمال ماڻين تون.

هجر جي آڳ ۾ جلڻ وارا،
شال سُرهو، وصال ماڻين تون.

ڪوڏ، سپين ڪي، عمر ڏيڻ وارا،
لال سڏبين جي لعل ماڻين تون.

زندگيءَ جي جواب، جو صابر،
رڱجي ويندين جي سوال ماڻين تون.

*

غم جو آغاز هان، غم جو انجام هان،
پنهنجي انداز ۾، خاص هان خام هان.

پنهنجي نالي جي ڳولا جي آهيان پنيان،
نانءُ هوندي زمانن کان گمنام هان.

سڀ کي ويجهو رهان، سڀ کان آهيان جدا،
عشق آهيان مگر ڪا، وڏي مام هان.

ڪوئي مونکان پڇي، ڪوئي مونکي ڏسي،
پيار جو سونهن جو، ازلي پيغام هان.

عشق منهنجي حُسنَ جون نگاهون چميون،
هاڻ صابر سراپا، ٿيو گلفام هان.

*

اکين جا، مينهن وسندا ڏس،
صدين جا، خواب ٻُڏندا ڏس.

لهڻ تي سج ٿيو آهي،
پکي ۽ مال ورندا ڏس.

وڇوڙيل پُٺ کي گهر ڏسندي،
امڙ جا، نيڻ ٺرندا ڏس.

اُنهن تي حوصلا مرڪن،
غمن ۾ ڀي جي ڪلندا ڏس.

تنهنجي پيرن جي پايل ۾،
منهنجا سڀ شعر جهڪندا ڏس.

اسان وٽ عشق آ صابر،
اسان جا نيڻ پچندا ڏس.

*

ديدار يار آهي، نئين زندگيءَ جو مرڪڻ،
سينگار يار آهي، نئين زندگيءَ جو مرڪڻ.

جھومي پون ٿيون هيرون، جاڳن ٿيون سمنڊ ويرون،
ڪيڪار يار آهي، نئين زندگيءَ جو مرڪڻ.

جئن آئينو ڏسان ٿو، خود کي وٺي وڃان ٿو،
چين و قرار آهي، نئين زندگيءَ جو مرڪڻ.

سڀ ڪجھ نئون لڳي ٿو، وجدان ۾ آ دلڙي،
اظهار يار آهي، نئين زندگيءَ جو مرڪڻ.

هڪ پيار جي عبادت ۾ آ، سُڪون صابر،
بس پيار پيار آحي، نئين زندگيءَ جو مرڪڻ.

*

دلبرين تي چو ڪات تاني ٿو،
ڪير ۾ چو ملائين پاڻي ٿو.

پاڻ هڪڙي ڪهاڻي تي ويندڙ،
ڪهڙي وينو لکين ڪهاڻي ٿو!

هر گهڙي او، ڪلڻ ٽلڻ وارا،
اڄ چو اڪڙين پاڻي آڻي ٿو.

مان تہ توکي سڃاڻان ڄاڻان ٿو،
ڇا تون مونکي بہ ڏس سڃاڻي ٿو.

سنڌ جي هيڻي حال ڪان ڏاها،
مُنهن تون موڙين چو ڄاڻي واڻي ٿو.

پيار تي تهمتون جو، ڏين وينو،
ڇائي مُنهن ۾ اجائي ڇاڻي ٿو.

توسان صابر جڙيو مون ڇِي آهي،
توڙي جو، تون جفا اُماڻي ٿو.
*

زندگيءَ جي قريب ٿيو آهيان،
خودڪشيءَ جي قريب ٿيو آهيان.

دوستيءُ کي پيو، وڏايان ڏس،
دشمنيءَ جي قريب ٿيو آهيان.

غم جا پاڇان وجان پريندو ٿو،
هر خوشيءَ جي قريب ٿيو آهيان.

پيار اونداهہ سان گهٽو منهنجو،
روشنيءَ جي قريب ٿيو آهيان.

موت جي چاڻ پيس ٻکين صابر،
زندگيءَ جي قريب ٿيو آهيان.

*

غضب جي خوديءَ ۾ خدا ۽ سچل،
وفا جي گليءَ ۾ خدا ۽ سچل.

جو مظلوم جي تو حمايت ڪري،
اُنهن جي ٻڌيءَ ۾ خدا ۽ سچل.

تئي تو پو، اثبات پهرين مگر،
ملن تا نفيءَ م خدا ۽ سچل.

سدا ذات صوفين ۾ ڏسجي پئي،
عجب جي مڳيءَ ۾ خدا ۽ سچل.

دعا آهي منهنجي سنڌو ماءُ جي،
رهن رهبريءَ ۾ خدا ۽ سچل.

هميشہ ڪان صابر رهيا ساٿ مون،
غمي ۽ خوشيءَ م خدا 7 سچل.

*

مونکي خوابن رُلايو روهن ۾،
سهڻو جيون وڃايو روهن ۾.

ڪيڏو پاڳل، چريو، اياڻو مان،
سونهن جو گيت ڳايو روهن ۾.

ڪنهنجو ڪِٿ واھ ئي نہ ٿو ٻُڌجي،
ڏاڍو آهي ڪنايو روهن ۾.

مان ئي آهيان ۽ منهنجي دنيا آ،
ٻئي جو ناهي ڪو سايو روهن ۾.

اِن تي سوچان ٿو ڪنهن تہ ڪنهن جي لئہ،
پاڻ هوندو ملهايو روهن ۾.

منهنجي هر آس کي هُو آڻيندو،
جنهن آ صابر پڄايو روهن ۾.

*

سڄو ئي چاڪ ٿي ويو هان،
لحاظا خاڪ ٿي ويو هان.

ڪٽي جئن نيڻ گهوريو تو،
تہ پاڪن پاڪ ٿي ويو هان.

حُسن ٻنجي سماٽس جِت،
واپارين واڪ ٿي ويو هان.

ڇڏي ويا جئن سهارا سڀ،
تڏهن ٻي ٽاڪ ٿي ويو هان.

ڪري تو عشق ٻي صابر،
وڏي ڪا، هاڪ ٿي ويو هان.

*

تنهنجو عشق پڙهان ٿو ڏسجان،
اُبَ ڏي چاڻ اُڏان ٿو ڏسجان.

ٻين جي ڏسڻ کي هوندو، ڏٺو تو،
توکي ڪئن مان ڏسان ٿو ڏسجان.

ٿورو مرڪي، مرڪي بس هو،
ڪيڏي ٺار، ٺران ٿو ڏسجان.

ٻيهر جيئڻ، جيئڻ خاطر،
نيئين سِر يار مران ٿو ڏسجان.

ٻين جا گيت ٻڌا ٿي صابر،
منهنجو شعر پڙهان ٿو ڏسجان.

*

هڪڙي هڪڙي آهه پويان، تو ٻري آڙاهه ڏِسُ،
پيو ايامن کان تہ پڄري هڪ ويچارو ساهه ڏس.

او! اهو تي ڳوٺ منهنجو، جِت جميس، کيڏيس، وڌيس،
جنهنجي ڏاڍي، سهڻي ڏاڍي چا تہ آ وڻ راهه ڏس.

جنهن ۾ ڪوئي ظرف ڪونهي، ۽ نہ ڪوئي طرف ڪو،
پوءِ بہ اهڙي لڄ لٽي جي، تي هلي ساراهه ڏس.

تنهنجي ئي تخليق جو، دم گهٽيو هت تو وجي،
جڳ جا پالڻهار منهنجا او! مٺا الله ڏس.

جت جهڪن ٿا روح سڀ جا، جت ملي ٿي دائميت،
ٻيون چڏي درگاهون سيئي، حُسن جي درگاهه ڏس.

بهشت لئہ ٻي پيار وارن کي ئي صابر سڏ ڪبو،
مت جا موڙها هڪ دفعو تون هي ڪري ويساهه ڏس.

*

چنڊ مهمان تو ٿئي منهنجو،
پورو ارمان ٿئي منهنجو.

سيئي سامهون ٿيڻ لڳا جن تي،
روز احسان تو ٿئي منهنجو.

ڪلهه پيي مقتل ملهائي موٽيو هان،
اڄ پيي اعلان تو ٿئي منهنجو.

مان تہ اُجڙيو هان، سو تہ اُجڙيو هان،
ڪنهنڪي ارمان تو ٿئي منهنجو.

جنهن اڳيان سونهن سِر جهڪائي ٿي،
جانِ جانان تو ٿئي منهنجو.

ويڙهي وارا رڳو ڏسو وينا،
ويڙهو ويران تو ٿئي منهنجو!

*

هن عشق سان ڪير حساب ڪري،
۽ ڪير سوال جواب ڪري.

هي چاهي ڪنهنکي ڪنگال ڪري،
هي چاهي ڪنهنکي نواب ڪري.

جنهنجي سٽ لاشو لاشو آ،
اهڙو ڪير خريد ڪتاب ڪري.

متان عشق سان لائڻُ جو سوچين،
متان ويهين حياتي عذاب ڪري.

هر ساهه کي پڙڪو ڏيٺو آ،
پلي ڪيڏو ڪٺي ڪو چا نہ ڪري.

بس صابر جيئٽو آ، جيئان ٿو،
نہ ڪي ڏوهہ ڪري نہ ثواب ڪري.

*

ابتدا، انتها منا منهنجي،
تنهنجي نيڻن ۾ آ دنيا منهنجي.

ٻين جا تعويذ پيي اٿئي پاتا،
آزمائي ٻه ڏس دعا منهنجي.

جنهن ۾ هڪڙو، کو رڱ ئي ناهي،
کهڙي آهي دنيا! خدا منهنجي.

ٿورو اکيون ته کول پو توکي،
ڏات ڏسبي ڏيئا ڏيئا منهنجي.

کوئي مونکي خريدي ٿيان خوش مان،
جيتري پل ٿئي ٻَها منهنجي.

عشق صابر کيو اٿئي هاڻي،
زهر فتوا اجهو سزا منهنجي.

*

منهنجو هي پيار چو، وسارين ٿو،
سچو ڏس يار، چو وسارين ٿو.

جاتي جيونَ کي کوڙ معنائون،
عشق سنسار. چو وسارين ٿو.

مُرڪ بدلي کو سِر پيو گهورئي،
اهڙو واپار، چو وسارين ٿو.

عشق ۾ عاشقن جو ٿيو آهي،
سولي سينگار، چو وسارين ٿو.

پنهنجي لائي تہ سوچ ڪجهہ صابر،
پنهنجو معيار، چو وسارين ٿو.

*

توکي هڪڙو شخص گهري ٿو،
توتي جئي ٿو، توتي مري ٿو.

ڪلهه جي شينهن نہ ڊپ چريا ها،
اڄُ جو شينهن تہ ڪل چري ٿو.

چنڊ ۾ تون آن، چنڊ پڻ تو ۾،
تون بہ ٻرين ٿو، هو بہ ٻري ٿو.

گهاٽي ۾ ٽڙڪاٽ ٻڌڻ سان،
اُپ بہ هڪڙي آهہ پري ٿو.

عشق سڳي ٿو، جاتي جنهن کي،
لوهہ مان واري سون ڪري ٿو.

مون کي ارپي ڇڏ، تون صابر،
خواب جو تنهنجي اک ۾ تري ٿو.

*

محبوب زماني ۾ محبوب ڏنم ماڻهو،
هن چنڊ کان پي سهڻا وڌ خوب ڏنم ماڻهو.

سِر ساهه چڏين گهوري، ۽ ماس ڏين کوري،
ٿيل عشق جي جهٽڪي ۾ مجذوب ڏنم ماڻهو.

اظهار ڪري نہ سگهيا، ڪنهن سان پيار ڪري نہ سگهيا،
اهڙا بہ هزارين هت محجوب ڏنم ماڻهو.

طالب نہ ٿيو ڪنهن جو هي سيدپوري صابر،
پر ذات جي سحر ۾ ها، مطلوب ڏنم ماڻهو.

*

خون هاڻا سپ پَلوَ احساس جا،
ڪنهن رَسا چوڙي چڏيا، راڪاس جا.

گيڙو لهجي ۾ گهري پئي زندگي،
دانَ، در، درد تي وجي آساس جا.

باھ رشتن کي لڳي اهڙي وئي،
ويري بڻجي ويا سيئي هن ماس جا.

پُڇ بڌا مهري، اجا ناهيون بڻيا،
پاڻ سڏجون ڪونہ ٿا ڪنهن خاص جا.

آس آهي نيٺ لهندا سنڌ تان،
پاچا صابر هي سيئي حيراس جا.

*

محبوب! رسڻ جي مند نہ هئي،
هي پنهنجي روئڻ جي مند نہ هئي.

چو جلدي ايڏو آيو آن،
اي! موت مرڻ جي مند نہ هئي.

تو ڳاهي ڳاهي ڏاهي ڇڏيو،
افسوس! ڏهڻ جي مند نہ هئي.

ڪڪرن جي بنا پيو برسن ٿيون،
اکڙين جي وسڻ جي مند نہ هئي.

ڪو ننڊون حرام ڪري ويو آ،
تڙپڻ ۽ لڇڻ جي مند نہ هئي.

اڳ عشق کان صابر سيدپوري،
خوابن جي ڏسڻ جي مند نہ هئي

*

ڪيڏيون تنهنجون سهڻيون اکيون،
مائيون مائيون گهريون اکيون.

مون ڏي اهڙو گهور نہ جانا،
روڪ هي پنهنجون تکيون اکيون.

ڪئن ڪٽان مان توڏي پنهنجون،
بي رنگ منهنجون موڳيون اکيون.

ڪئن چڏايان آهن اهڙيون،
منهنجون تو ۾ ڦاٿيون اکيون.

اڄُ چو سُرمي بدران ڳوڙها،
ڪاٽي تنهنجون ڏکيون اکيون.

صابر جون ۽ هن جون آهن،
مرڪي مرڪي ٻکيون اکيون.

*

هاڻ هن ۾ حجاب ڪونهي ڪو،
ڪيس ساڳيو شباب ڪونهي ڪو.

چهرو چهرو گناهه ٿو ڀاسي،
ڪنهن جي اک ۾ ثواب ڪونهي ڪو.

حُسن آڏو فقير آهيون سڀ،
خان ڪوئي نواب ڪونهي ڪو.

جيڏي مفتوي شراب لئہ فتويٰ،
ايڏو ليڪن خراب ڪونهي ڪو.

بس مڙيئي جئون پيا جڳ ۾،
باقي پنهنجو ڪو خواب ڪونهي ڪو.

ڪير صابر ڀلا قبوليندو،
جنهن جو جيون گلاب ڪونهي ڪو.

*

ڪنهن پار نئين ڏي اُڏري وڃجي،
ڪڪرن وانگر گذري وڃجي.

توکي جيئن مان ياد پوان نا،
اهڙو توکان وسري وڃجي.

موسم ڪان پيي اڳ ۾ جيڪر،
بهتر آهي اُڪري وڃجي.

جهڙي پار بہ وڃجي صابر،
وڃجي پر ڪجھ سنبري وڃجي.

*

پيار جو پيار تو ڏنو ناهي،
ڪنهنجو ڪو يار، تو ڏنو ناهي.

عشق ڪي تون مذاق ٿو پائين،
شِينهن جو وار، تو ڏنو ناهي.

هي پيي تڏهين سڏائي سهڻي ٿي،
هن جو ميهار، تو ڏنو ناهي.

هن جو انڪار جيئن ڪافر آ،
تيئين اقرار، تو ڏنو ناهي.

جنهن پيي آهي ڏنو انهيءَ ڪان پُڇ،
ڇاهي آزار، تو ڏنو ناهي.

منهنجي هي سادگي اٿئي صابر،
منهنجو سينگار، ڏنو ناهي.

*

زندگيءَ جا نصيب ڪاتي آن،
درد دل جا طبيب ڪاتي آن.

ٻين ڪان لڪٽيون لڪائيندو آهين،
پاڻ ڏس تون اديب ڪاتي آن.

ڏاڍي ويڳاڻي تي رهي توبن،
منهنجي حُب جا حبيب ڪاتي آن.

ڏسُ منا ڏسُ هي پيار جو سُنهن تي،
اوءِ صابر سچي بہ ڪاتي آن.

*

زندگي جي بقا اکيون تنهنجون،
زاهدن جي دعا، اکيون تنهنجون.

ڪائي ازلي صدا، اکيون تنهنجون.
ابتدا، انتها، اکيون تنهنجون.

باحيا، با وفا، اکيون تنهنجون،
دلربا، دلربا، اکيون تنهنجون.

عشق جي لادوا مريضن لئه،
او! مسيحا شفا، اکيون تنهنجون.

ساري دنيا جي سونهن جون رهبر،
ناهيون صابر خدا، اکيون تنهجون.

*

تنهنجي گهور رريشم، تنهنجو پيار ريشم،
تنهنجي هر ادا جو آ وهنوار ريشم.

تڏهن بہ زماني قبوليو نہ ڪڏهين،
رهيو آهي جڏهن تہ ڪردار ريشم.

اچي عشق مهمان ٿيو آ، جڏهن کان،
تڏهن کان ٿو پانيان هي سنسار ريشم.

اگر پيار پنهنجو نٿو ڏيڻ جي چاهين،
کلي ڏي اِهو ئي تون آزار ريشم.

الائي چا صابر طبيعت جو ٿيندو،
ڪرايو نہ پنهنجو جي ديدار ريشم.

*

عجب عاشقي آ،
غضب عاشقي آ.

طبيعت جو بگڙڻ،
سبب عاشقي آ.

ازل کان ئي منهنجو،
مذهب شاعري آ.

ڇا سنڌي، ڇا هندي،
عرب عاشقي آ.

ٻُڌان ٿو تہ منهنجو،
نسب عاشقي آ.

سيکاريو مون صابر،
ادب عاشقي آ.

*

نہ ڪا جيت پنهنجي، نہ ئي هار پنهنجي،
حياتي هي ٻاڙي رهي يار پنهنجي.

اُتي گهوٽ پنهنجي نشو پي تئي ڪو،
نہ هيٺائي ڪنهن کي تون ڏيکار پنهنجي.

حياتيءَ جو سورج لهڻ کي پُڳو آ،
مڃيو ڪونہ ڪڏهين ڪو سرڪار پنهنجي.

سياڻي اسان کي هتي ڪونہ ڏسندين،
سياڻي تياري آ، ٻئي پار پنهنجي.

اسان جو فقيري تي مسلڪ اي صابر،
اسان پي رکون تا دنيا ڏار پنهنجي.
*

حسن آ، ڪائنات جو اوپر،
ڪنهن تہ لاريب ذات جو اوپر.

تنهنجي هڪڙي مرڪ تان گهوريم،
پنهنجي پوري تہ ڏات جو اوپر،

ڪونہ اپريو، نہ اپرندو شايد،
درد ڪان ڪو نجات جو اوپر.

ساري جڳ کي مليو صبح وارو،
مونکي مليو آ، رات جو اوپر.

ڪونہ ٿيندو غُروب هي صابر،
دل مان ساجن جي تات جو اوپر.

*

منهنجي محبوب جون اکيون آهن،
هي جي تارن سنديون ٻتيون آهن.

آءُ هاڻي گهڻو ٿيو جاني،
منهنجون اکيون گهڻو رنيون آهن.

پيار تان هٿ کڻي وڃن ٿيون جي،
سي تہ دليون چلوليون آهن.

ٿهڪ تنهنجا نصيب ٿيا جن کي،
ڀاڳ وندين سي زندگيون آهن.

شال اگهجن حضور صابر جي،
جنهن جون هر پل ڪيون بندگيون آهن.

*

چار گهڙيون هي زندگاني آ،
توتہ سوچيو اجا نہ جاني آ.

حُسن جي جنهن تميز سيکاري،
عشق جي سا تہ مهرباني آ.

پيار کي ئي بقا ٿي حاصل آ،
باقي دنيا سموري فاني آ.

توسان جڏهين اکيون اڙيون منهنجون،
خاڪ ٿي منهنجي وئي تہ خاني آ.

تنهنجي سامهون گهڙي جا گذري ٿي،
مون لئہ صابر وڏي سُهاني آ.

*

اسان جي ڀاڳ جا تارا، ڪڏهن ڪڙندين، ڪڏهن ڪڙندين،
جلائن روز انڌيارا، ڪڏهن ڪڙندين، ڪڏهن ڪڙندين.

ٻُسا سڀ رنگ جيون جا، سڙي ويا باغ سپنن جا،
فنا ارمان ٿيا سارا، ڪڏهن ڪڙندين، ڪڏهن ڪڙندين.

اسان جا نيڻ اڄُ پيي پيا، ڏسن رستا اُنهن جا ٿا،
وجي جي ٻين کي ٿيا پيارا، ڪڏهن ڪڙندين، ڪڏهن ڪڙندين.

قبولي ڪير تو تن کي، وسايو جن منا ٻَن کي،
ازل کان ئي جي ويچارا، ڪڏهن ڪڙندين، ڪڏهن ڪڙندي.

اجا پيي آس صابر کي، پرين تنهنجي اچڻ جي آ،
پيو تنهنجا ڏسي چارا، ڪڏهن ڪڙندين، ڪڏهن ڪڙندين.

*

وجن ٽيون آپي مان نڪتيون چريون،
اوهان جي صحبت ۾ جيڪي ڪريون.

رهن سلامت قيام تائين،
اي! ديس تنهنجون هي حورون، پريون.

اوهان پڄاڻان ته ڪنهن پيي منظر،
اسان جون خالي نه اکيون پريون.

نه پنهنجي لائق نه ٻئي جي لائق،
حيات اهڙي چئو ڪاڏي ڪريون.

مسافتن ۾ حيات گذري،
پلي ڪو پيرن جون پرڪي تريون.

اداس مون جان ته منهنجي گهر جا،
رهن ٽا صابر هي در ۽ دريون.
*

آ هلي هڪ وار، دلبر آ هلي،
آ ٻُڏيءَ کي تار، دلبر آ هلي.

منهنجي لالي منهنجي سُرخيءَ جا ڏٽي،
تنهنجي آءُ ڪنوار، دلبر آ هلي.

حسن آهي، مال آهي، ذر بہ آ،
ڪونهي تنهنجو پيار، دلبر آ هلي.

ڏس جوانيءَ جون پيون ڪونجون اُڏن،
ٿورو ڪر ويچار، دلبر آ هلي.

تنهنجي نفرت جو نہ ماري ڏم وڃهي،
سهڻي جا ميهار، دلبر آ هلي.

تي ڪنن ۾ هٿ وجهي معافي وٺان،
مون مجي هر هار، دلبر آ هلي.

پاڻ کان پيي تي رُٺي صابر وتان،
لوڪ ڀوڳيو ڏار، دلبر آ هلي.

*

اسان لاءِ جڳ ڪي نظارا نہ ها،
رُڪا پيي تہ ڪنهن جا اشارا نہ ها.

نہ سورج بہ پنهنجو ڏنو ساٿ ڪو،
ستارا تہ پنهنجا ستارا نہ ها.

پرينءَ ساڻ جيڪي بہ گذريون گهڙيون،
بهارن جان گذريون سيارا نہ ها.

چڙئي دل جو جن ڪي بہ ڪارو ڪري،
اچا ڏاڍا دل جا ها ڪارا نہ ها.

هو جن کي بہ صابر مون همدم سڏيو،
سي سچ جا ها، پاچا نہ ها.

*

ڏاڍو ساھ اُساٽيل آهي،
رڳ رڳ گھايل گھايل آهي.

گيت پکيئڙا ڳائن تا جڻ،
موسم پايل پايل آهي.

ڪنهن آ وڃايل جي جڻ پويان،
پاڻ ٻہ جڻ تہ وڃايل آهي.

اڄُ ٻي منهنجو تولئہ گھرڙو،
گلڙن ساڻ سجايل آهي.

صابر اڄُ ٻي ڪالهہ جيان ئي،
تنهنجي سِڪ جو سڪايل آهي.

*

اسان ڪنهن جا طالب نہ مطلوب آهيون،
چڱو ئي ٿيو جو تہ مجذوب آهيون.

نہ حاجي نہ غازي نہ زوار، مفتي،
اسان جو بہ آهيون، اُهو خوب آهيون.

اسان پڻ تہ ڪنهن کي ازل کان ٿا چاهيون،
ڪٿون نانءُ ڪنهن جو ڪئن محجوب آهيون.

هي دنيا ۽ عُقبا سندءِ نانءُ صابر،
اسان نانءُ جنهنجي ٿيا منسوب آهيون.

*

تو بہ نہ ڄاتي، منهنجي جهاتي،
مون بہ نہ ڄاتي، تنهنجي جهاتي.

اکڙيون پنهنجون پکڙي ورتئون،
قيدڻ ٿي پئي پنهنجي جهاتي.

آهي ڪُني وئي ڪاريءَ وانگر،
بالغ ٿئي ٿي جنهنجي جهاتي.

ڪنهن کي پتو ڇا اوسيئڙي ۾،
پڄري ٿي پئي ڪنهن جي جهاتي.

آ تہ وٺي کي چنڊ جون اوٿون،
پنهنجي ٻٽايون سهنجهي جهاتي.

ڏاڍي سولي هوندي هئي جا،
ڪئن ٿي صابر اهنجي جهاتي.
*

هي بي ٽاڪ اکيون هي رولاڪ اکيون،
خبر ناهي ڪاٿي ڪنديون ٽاڪ اکيون.

ڪئي آبشارون آيون هن لتاڙي،
مگر سڀ کان ٿينديون آيون عاق اکيون.

ڏٺا منظرن هن پئي ڏوڪن تي ڏوڪا،
ڪيون منظرن هن هي چيڙاڪ اکيون.

ننگيون ٿي هلن ٿيون، ٻرن ٿيون سڙن ٿيون،
اجهي جر ۾ پهچي ٻڻيون خاڪ اکيون.

اوري ڪر تہ جنت جو معراج ماڻيان،
چمي تنهنجون جانان اهي پاڪ اکيون.

ڪئن ڏور ٿينديون وٽان تنهنجي صابر،
پلي ٻہ پليان ڪئن هي هيراڪ اکيون.

*

هن درد مئي جو مان درمان ڪٿان آڻيان،
هن درد ڪي جو ٽاري لقمان ڪٿان آڻيان.

مون سارو سجايو گهر، خوشبو ۽ بهارن سان،
گهر ڪي ته سجايو ٿم مهمان ڪٿان آڻيان.

مان پيار کي سمجهي خدا، سجدا ٿو ڪيان واعظ،
تو وارو ڀلا ڏس مان ايمان ڪٿان آڻيان.

اغوا مان ٿيل دلڙي موٽايان ڪيئن هاڻي،
موٽي ڀي ملي ليڪن تاوان ڪٿان آڻيان.

سگريٽ اٿئي مون وٽ پيئين ته ڪيان حاضر،
هن مهل اويلي ۾ مان پان ڪٿان آڻيان.

تون سهڻو آهين صابر، من مهڻو آهين صابر،
هن ڪان ٻيو وڏ تولڻ مان بيان ڪٿان آڻيان.

*

# وائيُون

سنڌڙيءَ جو سرواڻ،
هڪ ئي آهي پٽ ڌڻي.
ٻين جي ڪيڏي ڪين آ،
ڪنهن پر ڪائي ڪاڻ.

ڏکيءَ، سکيءَ ۾ سدا،
آهه رهيو جو ساڻ.

سنڌڙيءَ سندو آجپو،
سُجهي سا، اهڃاڻ.

جنهن تي ڪري ناز تو،
صابر هي مهراڻ.
هڪ ئي آهي پٽ ڌڻي.
*

ڪرڻو ڪرڻو پيار،
سهڻو تنهنجي سونهن جو.
تنهنجي نيڻن مان پرين،
مليو خوب خمار.

ڏاڍو منڙو ٿو لڳي،
وهم بنا ويچار.

سولو ناهي، هيءَ سڄڻ،
دلين جو واپار.

لڪ نہ رهي لوڪ کان،
نينهن ڪيم نروار.

صابر سائين چا تہ ڪيم،
دل تي اڄ ديدار.
سهڻو تنهنجي سونهن جو.
*

ساھه ڪان تنهنجو پيار،
ڏاڍو پيارو آ الا.

ٿورو ٻيهر تون اھو،
ساڳيو گيت اچار.

جاتي منهنجو آ پرين،
سوئي مونکي پار.

سهڻو آهين چنڊ پر،
توڪان منهنجو يار.

تحفو ڏيندين پيار جو،
صابر ڳل جو هار.
ڏاڍو پيارو آ الا.
*

اڄ بہ تنهنجي راهہ،
روئي نهارن ٽيون اکيون.
ڪئن وساريئي وائڙا،
منهنجو چندن چاهہ.

مون هي ڄاتو ڪونہ هو،
ٽيندين بي پرواهہ.

توکي ڪونهي قياس ڪو،
منهنجو تڙپي ساهہ.

غم ٿا دل کي روز ڏين،
صابر ڪيئي ٿاهہ.
روئي نهارن ٽيون اکيون.
*

هئر هئي هيءَ حيات،
پاڻيءَ ڦوٽي جيان هئي.

ڏسندي ڏسندي وئي هلي،
جوڀن جي بارات.

تنهنجي منهنجي پيار جي،
سانول هر هڪ بات.

ساري جڳ ۾ با خدا،
منهنجي صابر ذات.
پاڻيءَ ڦٽي جيان هئي.
*

ٻاءِ تہ ڳايون پيار،
جنهن جي دم سان آ دنيا!
هار بہ جنهن جي جيت آ،
هار نہ جنهن جي هار.

سارا مذهب پيار جي،
ڪن ٿا ڏس پرچار.

پيار جو ويس نہ ديس ڪو،
پيار ئي خود سنسار.

صابر مونکي ماڻهپو،
پيار سيکاريو يار.
جنهن جي دم سان آ دنيا!
*

ڳھوڳھي ٿو ويراڳ،
ڪاٿي آھين دلربا.
ميري ٿي ويم سينڌڙي،
ميرا ٿيم مساڳ.

روز جلائي ٿي پئي،
جوڀن واري آڳ.

ننڊ بہ توتان گھوريم،
صدقي توتان جاڳ.

توبن صابر زندگي،
ڀانيان جھڙي ڊاڳ.
ڪاٿي آھين دلربا.
*

وينئي رنڊيا روڙ،
جيسين آن تون جوت ۾.
سيني لائج سچ کي،
ڪچ جو ڪنڌ مروڙ.

جاتي پوند پيار جو،
تاتي خيما کوڙ.

لهنوارو وچ تن وٿان،
مذهب جن جو گوڙ.

جيڪي توڪان تا ڇنن،
صابر تن سان جوڙ.
جيسين آن تون جوت ۾.

*

لڳ اجا پيي لوهہ،
ڌرتيءَ جي اولاد جا!

آخر پوندا ڪنڌ ۾،
توکي تنهنجا ڏوهہ.

تو ڪئن لاٿا چت تان،
هيڏا هي پاپوهہ.

پلجن صابر ٿا سپئي،
تنهنجي گهر ۾ ڏوهہ.
ڌرتيءَ جي اولاد جا!
*

باک جي جڻ راڳڻي،
هي پکيئڙا ديس جا.

امن جو پيغام ڏين،
پيا اُڏامن ھِر ڪٽي.

اُپ جو سينگار هي،
۽ وڻن جا ڀي ڏٽي.

جڻ ٻرينءَ جي مرڪ هن،
جڻ سنڌءِ زلفن ڦٽي.

پنهنجي ٿوڙي جستجو،
ڪٿ نہ وينا ڇپ هٽي.
هي پکيئڙا ديس جا.
*

دنيا ساري سُور،
گهر گهر پٽر تو ڏسان!

ڳاڙهي ٽيڻ جي منڊ ۾،
ڪاري ٽي ڪا حُور!

ايندين تڏهن مون اڱڻ،
هوندا انگ هي جهور.

اڄ يي تنهنجي هان پُنهون،
توڙي تون وهلور.

صابر تنهنجي عشق ۾،
پڙڪان جئن تندور.
گهر گهر پٽر تو ڏسان!
*

تيندي ڪا ويڙهاند،
ٻيهر مياڻيءَ ماڳ تي!

گهوگهي وينا ديس جا،
ڪانئر ڪان تہ پلاند.

ٻيهر تيندا سُرخرو،
شيدي ها، يا ساند!

پيڪيون ڏئي ڪيڏندا،
مڙس لهوءَ جي راند.

ڪبو صابر پاڪ هي،
ڌرتيءَ سندو پاند.
ٻيهر مياڻيءَ ماڳ تي!
*

تنهنجي اعلا جوڙ،
آئون آهيان ڇا پرين.

مون لئہ تون ئي تون مناء
تولئہ ٻيا ئي ڪوڙ.

رهندڙون ايندڙون روح ڪي،
منهڙو ايئن نہ موڙ.

تنهنجي آهيان نور سان،
جيسين منهنجي توڙ.

پنهنجي ٻڌرا پيار جا،
صابر دل کي موڙ.
آئون آهيان ڇا پرين.
*

ناهي پنهنجو ڏينهن،
پنهنجي آهي راتڙي!

سج سان ڪونهي ساٿ ڪو،
چنڊ سان پنهنجو نينهن.

پنهنجي نماڻي ديس تي،
نيٺ تہ وسندا مينهن.

پرچي صابر سان پئو،
ڏئي نہ جدائي پِنيهن.
پنهنجي آهي راتڙي
*

پيار کان بس پيار تائين،
زندگي گذري اٿم.

دين منهنجو ماڻهپو،
هڪڙي هن ڪردار تائين.
زندگي بس گذاري اٿم.

چنڊ تارا، چو ڏسان مان،
يار جي ديدار تائين.
زندگي گذري اٿم.

ڪونہ صابر ڪي وٽيس مان،
توڙي جو هر دار تائين!
زندگي گذري اٿم.

*

مانجهاندي جو ماڳ،
جنهن کي پيائين ديس ٿو.

تون ئي پنهنجو ڀاڳ آن،
تون ئي پنهنجو اَڀاڳ.
جنهن کي پيائين ديس ٿو.

ننڊ ٿي رولي راهه تان،
جاڳ سدائين جاڳ.
جنهن کي پيائين ديس ٿو.

عشق جي صابر ٿي ٻري،
من ۾ هر دم آڳ.
جنهن کي پيائين ديس ٿو.

*

صابر توکي پيار،
ڪنهن کان مِلئو ڪونہ آ!

پن ڇڻ سان رک پيچ تون،
ناهي تنهنجي بهار.
ڪنهن کان مِلئو ڪونہ آ!

حُسناڪين جي هيج کي،
ڳوليم ڪُل ڄمار.
ڪنهن کان مِلئو ڪونہ آ!

ڪنهن جي سهڻي ڪين ٽيس،
ماڻيم ڪين ميهار.
ڪنهن کان مِلئو ڪونہ آ!

جهڙي تهڙي حال ۾،
صابر يار گذار.
ڪنهن کان مِلئو ڪونہ آ!

*

ڪرهل! ڪاهي آءُ،
چنڊ بہ ترسايو اٿم!

وڻ وڻ ٻهڪي ٻُور ۾،
چوڏس سرهو ساءُ.
چنڊ بہ ترسايو اٿم!

چاري چاري امن آ،
آهہ سٽائو واءُ.
چنڊ بہ ترسايو اٿم!

آءُ تہ توکي هجر جو،
ڏسيان هر هڪ گهاءُ.
چنڊ بہ ترسايو اٿم!

سنبري تنبري آءُ اڄ،
ڪونهي ڪو غوغاءُ.
چنڊ بہ ترسايو اٿم!

*

# گيتَ

موسمون ويون هليون، يار آئين نہ تون.
سپ خوشيون ويون هليون، يار آئين نہ تون.

مينهن بي ها أنا، رنگ ها کي رچيا،
پئي پکين بي الا، گيت جڻ کي چيا،
چا گهڙيون ويون، هليون يار آئين نہ تون.

کير جهڙو اڇو، کنڊ جهڙو مٺو،
ڳوٺ پاڻي وهي چا تہ آيو هيو،
راحتون ويون هليون، يار آئين نہ تون.

چنڊ جي اوٽ ۾ آ نهارئين پيو،
هٿ ۾ صابر کنيو گل کي سارئين پيو،
روشنيون ويون هليون، يار نہ آئين تون.

*

ڪنهن ڏي دل جي اُڏرڻ چاهي،
ڪنهن جي دام ۾ ڦاسڻ چاهي،
پوءِ ڙي سرتيون ڪئن ڪيان مان.

سهڻا سهڻا نيڻ سڄڻ جي،
پل ۾ ڪي جي پنهنجا لڳن جي،
پوءِ ڙي سرتيون ڪئن ڪيان مان.

خيال جي ڪنهن جي خيال ۾ گم ٿئي،
سوگهو ڪنهن ۾ هي جي دم ٿئي،
پوءِ ڙي سرتيون ڪئن ڪيان مان.

ڪوئي مون تي مرڻ جي چاهي،
صدقو مون تان ٿيڻ جي چاهي،
پوءِ ڙي سرتيون ڪئن ڪيان مان.

آئيني ۾ پي ڪو جي نظرجي،
انگ انگ منهنجي سان تہ جڪڙجي،
پوءِ ڙي سرتيون ڪئن ڪيان مان.

صابر جنهن جو نانءُ پيارو،
تنهن تي دل جو ٿئي جو آرو،
پوءِ ڙي سرتيون ڪئن ڪيان مان.

*

# پنجڪڙا

وسي ٿي پينگ پاڻ ۾،
الئہ ڪاڏي ويا ياڳيا،
الئہ ڪنهن موھ ھي داڳيا،
رڳو ھن روچ راڻن ۾.
وسي ٿي پينگ پاڻ ۾.

*

اکين جي پونءِ تي پوکيم،
پرينءَ جي پيار جا موتيا،
سندءِ سينگار جا موتيا،
چپن جي پونءِ تي پوکيم.
اکين جي پونءِ تي پوکيم.

*

ڪڏھن تون باک ٿي ايندين،
اسان جي سياھ جيون ۾،
پرين بي واھ جيون ۾،
ڪڏھن ڏس واڳ موڙيندين.
ڪڏھن تون باک ٿي ايندين.

*

بهارون ٿيون ڏنگن جاني،
سِرءُ جهڙو جيئڻ پنهنجو،
۽ هوندو ڇا مرڻ پنهنجو،
وليون غم جون ونگن جاني.
بهارون ٿيون ڏنگن جاني.

*

اسان جو پيار سارينديِن،
جڏهن جڳ ۾ نہ ڏسندين تون،
جي ڪنهن ڏڳ ۾ نہ ڏسندين تون،
ڇني هارن کي هارينديِن.
اسان جو پيار سارينديِن.

*

سدائين سار تنهنجي آ،
سدا رانهون ڏسان تنهنجون،
پيو آنهون پريان تنهنجون،
فقط درڪار تنهنجي آ.
سدائين سار تنهنجي آ.

*

ڪڏهن ورندين پرين پيارا،
قرارن بن وهي گذري،
وئي اڌ زندگي گذري،
جلائن سانوڻيون سيارا.
ڪڏهن ورندين پرين پيارا.

*

اسان جو عشق آوارا،
هزارين در پيو پٽڪي،
ڪڏهن ٽر بر پيو پٽڪي،
هٽي جئن باز لامارا.
اسان جو عشق آوارا.

*

پيار جو عنوان تنهنجا نيڻ ٻئي،
مرڪ تنهنجي زندگي منهنجي مٺا،
بندگي ئي بندگي منهنجي مٺا،
دينَ ۽ ايمان تنهنجا نيڻ ٻئي.
پيار جو عنوان تنهنجا نيڻ ٻئي.

*

هوائون بي چيون آهن،
نہ ٿيون پيغام ڏين توکي،
نکي ڪي دام ڏين توکي،
صفا ڪي بي وڙيون آهن.
هوائون بي چيون آهن.

*

اسان تہ جي تتل واري،
پرين آهن گهٽائون چڻ،
ٽڏيريون ڪي هوائون چڻ،
اسان جي آس اجياري.
اسان تہ جي تتل واري.

*

اسان کي ڪير سارينده،
اسان گذري ويل پل جيان،
لٿل جي تہ هون دل تان،
پکي چو ڪو نهارينده.
اسان کي ڪير سارينده.

*

اسان جي سوچ پنهنجي آ،
اوهان جو خيال پنهنجو آ،
لکڻ ۽ حال پنهنجو آ،
اسان جي لوچ پنهنجي آ.
اسان جي سوچ پنهنجي آ.
*

# چوسٽا

عشق پارس ڪري، عشق موتي ڪري،
ٽانڊاٽي جهڙي ٿو جوتي ڪري.
عشق يابر وجودن کي، ڏوڏيو چڏي،
عشق جَتيِ سَتيءَ جي ٿو پوتي ڪري.
*
راهہ تنهنجي ڏسي سمهي پيئي،
ٿڪجي هڪ زندگي سمهي پيئي.
درد جاڳيا جڏهن کان ئي دل ۾،
خوف کائي خوشي سمهي پيئي.
*
رنگ ڪيڏا ڪٺي شام آهي لٽي،
ڍنگ ڪيڏا ڪٺي شام آهي لٽي.
چا چُمي، چا چُمان سونهن جي پار جا،
انگ ڪيڏا ڪٺي شام آهي لٽي.
*
منهنجي علم هنر کي،
آ مفلسي منجهايو.
دشمن ڏکيا ڪتي هن،
آ دوستي منجهايو.
*
تنهنجي نگاهہ خنجر،
هر دل کي سِيرَ ڏئي ٿي.
بِسمل ڪري ٿي سوچون،
اهڙي ڪا جهير ڏئي ٿي.
*

# هائيڪا

ڪوئي اٽائو واءُ،
لڳڻو ناهي ديس کي،
هانءُ وڏو ڪر ياءُ.
*
اي درد ڏيڻ وارا،
ڇا پاند ۾ وئين پائي،
مغرور ٽيڻ وارا.
*
تو پيار ڏنو آهي،
محبوب نظارن جو،
سنسار ڏنو آهي.
*
تو سار نہ ڪا ساري،
ڇڻ لاش هيم زندهہ،
مون عمر ائين گهاري.
*
ڪاتي تہ وجي لاتئي،
ڪو پيچ نئون ڪنهن سان،
جو جهاتي نہ ڪا پاتئي.
*
مخمور نگاهن جي،
رب پاڪ هجئي پارت،
سنڌ ديس جي راهن جي.
*
هر بازي اٿم هاري،
اي عشق اڳيان تنهنجي،
مون زاري ڪئي زاري.

*

اکڙين ۾ آلاڻ،
موڳو موڳو ٿو رهين،
آخر ڇا جي ڪاڻ.

*

سينگار بہ تون آهين،
منهنجي تہ حياتيءَ جو،
ڪردار بہ تون آهين.

*

ويران اکين ۾ ڪو،
منظر نہ ڪڏهن مرڪيو،
سُنسان اکين ۾ ڪو.

*

بندوق هنئين ظالم،
ڪلهہ شام جو ڪونجن کي،
پر ويو هو کُسي ظالم.

*

اوَ پيار ڪتي آهين،
تنهنجي ئي رڳو آهي،
درڪار ڪتي آهين.

*

اڄ ٻي منهنجا پار،
منهنجي دل درياءَ جا،
ساڳيا ڏي آر.

*

اکڙين جا الماس،
گهوريم تنهنجي پيار تان،
اُجرا ڪُل احساس.

*

منهنجي توکي تات،
نيٺ تہ لڳندي پيارڙي،
توکي! جيئڻ ذات.

*

تو سان ڪنهن جو پيار،
ڪنهن کي چاهين ٿي پلاءِ،
توکي ڪنهن جي سار.

*

ٻيرن اُڪريا ٻِيرَ،
تو پر، ڏاڍي او پرين،
دير الا ڪئي دير!

*

وڻ وڻ تي وسڪار،
پن پن موتي آ ٻڌيو،
تون پر ڪاٿي يار.

*

پنهنجو کهڙو بخت،
ساٿ ڏنو ئي ڪونہ آ،
پاڻ سان ڪڏهين وقت.

*

پنهنجو ورندو بخت،
ساٿ تہ ڏيندو پاڻ سان،
نيٺ تہ ڪڏهين وقت.

*

ماريءَ ماريو هنج،
منهنجي دلڙيءَ کي مگر،
ڏاڍو پهتو رنج.

*

ڪونهي ڪوبہ سُڪون،
پوءِ بہ جيئڻ جو اتم،
ڏاڍو يار جنون.

*

پئسي لئہ انسان،
روز ڪپائي ٿو پيو،
اُجري پنهنجي جان.

*

آءُ پيارل آءُ،
ويڙهي ويا هن جيءَ کي،
توبن سو، سوداءُ.

*

آءُ پيارل آءُ،
پانءِ نہ آيم چيٽ جو،
هيلو ڪو بہ هُڳاءُ.

*

آءُ پيارل آءُ،
آءُ ڪڏهن ڪو پيار جو،
مون لئہ ٻڻجي واءُ.

*

توکي جو وٽيو آهيان،
هن لوڪ سموري لئہ،
مان ٿوهہ ٻٽيو آهيان.

*

هر رات ڏنگيندي آ،
تنهنجي بہ منا سائين،
پئي تات ڏنگيندي آ.

*

مان ڪونج جيان تنها،
ڪُرلايون وجان ٿو پيو،
سِر تي ته ڪنيون ڇاڇا!

*

اڄُ شاهه عنايت اچُ،
ڪا جهوڪ نئين جوڙيون،
جا ٻاري نوان ڪي مچُ!

*

اڄُ شاهه عنايت اچُ،
توکي ٿو سڏي هر هر،
هن ديس جو تنها سچُ!

*

اڄُ شاهه عنايت اچُ،
هن ديس جي هينئين جو،
هر روز ٻري ٿو ٻچُ!

*

ڪيڏو ڪيو سينگار،
نيري اچ آڪاس آ،
ڏس هُو پنک اُڏار.

*

ڪيڏا سُرها ساهه،
منهنجي اوتيا ساهه ۾،
سهڻن سندي شاهه.

*

من ۾ جنهن جي مير،
جو نه سجاڻي ديس کي،
سو ڇا مڙس مٽير؟

*

ايندي نيٺ بهار،
سُرهي ٿيندي ديس جي،
ڳلي ڳلي هي يار.

*

تنهنجي هڪڙي جهات،
ڏيندي آ هر درد کان،
مونکي محب نجات.

*

ماڻهو سارا مور،
پو پي پانيا ڪين مون،
توکان سانول اور!

*

سهڻي به نہ ٿي ٻڌجين،
ميهر به نہ ٿي چاهين،
پو چالئہ پئي ڳڻجين.

*

ڪي گهڙيون هوائون هن،
وهلور نہ وج صابر،
پويون تہ هُڳائون هن.

*

ڪنهن تان تہ فدا ٿيندين،
ڪنهن جي تہ هٿن جي تون،
لائُن جي حنا ٿيندين.

*

منهنجي جيجل سنڌ،
توتان گهوريان ماءُ پي،
۽ جڳت واري جند.

*

هُو مرڪي هتان گذري،
سُرهاڻ سان پاڙي مان،
اک چنبي ۾ ويئي اُڏري.

*

سي گيت اسان جا ها،
فنڪار پئي ڳاتو جن،
سي ميت اسان جا ها.

*

# ٻہ دوها
# هڪ سرائڪي ڪافي ۽
# غزل

## دوها

اسان جي عمر جا سورج، اوهان بن ڪئن لٿا اُپريا،
سدائين پل سُڄڻن جا، اسان کان دور تي گذريا.
*
منهنجي پگهر جي دم سان، آباد آ زمانو،
وک وک تي روشني آ، وک وک تي آشيانو.
*

## سرائيڪي ڪافي

نينهن دا لايا، ٿيا نہ سجايا،
مئن تان پوري ڪجهہ نہ ڪمايا!

سال گذر ڳۓ، سج اُڪر ڳۓ،
پر نہ پنهل کو، ليئا پايا.

ايهَہ جو جيوڻ، کاوڻ پيوڻ،
ميڏي ڪنهن پر ڪم نہ آيا.

قبلا ڀي سي يُل ڳۓ صابر،
جنهن جنهن دل وچ عشق سمايا.
*

# سرائيڪي غزل


تيڏي نيڻ نهار ڪيا آکان،
تيڏا پيارا پيار ڪيا آکان.

انگ انگ تيڏا، چنڊ دي ڪرڻين،
سورنهن اي سينگار ڪيا آکان.

عشق تي ميڏا، پُختا ويندئہ،
يار دا رُخ مين يار ڪيا آکان.

سوئي ميڏا، جاني صابر،
جنهن تون فدا سنسار ڪيا آکان.

*


چنڊ جهڙا پرين
شاعري
صابر سيدپوري
ادب جي آڪاس تي هر لڪاري ڪنهن نہ ڪنهن
تاري جي روپ ۾ ٽمڪي رهيو آهي پر بدقسمتيءَ سان
ڌرتيءَ تي رهندڙ نجومي ڪيترن ئي حُسين ستارن جي
حُسن و شناس کان محروم رهن ٿا. ادب جي آڪاس تي
صابر سيد پوري بہ انهن ئي ڪنهن نہ ڪنهن ستاري جو
روپ سروپ ولي اونداهين تي روشني ڏاري رهيو آهي وقت
ڌرتي جي ڪک مان اهڙا نجومي ضرور جڻيندو جيڪي
ادب جي آڪاس جا سمورا ستارا سڃاڻيندا. صابر جو
پهريون شعري مجموعو بہ ڪرڪيٽن جيان اماس راتين ۾
ٻري رهيو آهي صابر جو ٻيون شعري مجموعو بہ چڪور
وانگر پرواز ڪندي نظر اچي ٿو ۽ آئون ان چڪور کي دل
سان دعا ڪريان ٿو تہ جيئن ان چڪور کي پنهنجي شعرن
جو چنڊ ضرور ملي!
عزيز سولنگي
مورو